سکڻ سيکارڻ جي حلقن جو

# جدول

# اولاد جا 3 حق

(قسط: ٽين)

31 جولاءِ 2025



# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرائڻ: **5** منٽ

**(3):** جائزو: **5** منٽ ڪُل وقت: **15** منٽ

اڄ جي سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ **اولاد جا 3 حق (قسط: ٽِين)** جي متعلق ٻڌايو ويندو ۽ **سُمهَڻ وقت پڙهڻ واري دعا** ياد ڪرائي ويندي ۽ آخر ۾ **نيڪ اعمال** جي رسالي مان اجتماعي جائزو به ورتو ويندو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم!

## دُرُود شريف جي فضيلت

پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: منهنجي مٿان درود پاڪ پڙهڻ پُلصِراط تي نور آهي، جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن مون تي **80** دفعا درود شريف پڙهندو ان جا **80** سالن جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. **(1)**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اولاد جا 3 حق (قسط: ٽِين)

### آيت مبارڪ

الله پاڪ فرمائي ٿو:

اِعْلَمُوْۤا اَنَّمَاۤ اَمْوَالُكُمْ وَ اَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ ۙ

(پارو: **9**، سورة انفال: **28**)

ترجمو ڪنزالعرفان: ڄاڻي وٺو تہ توهان جو مال ۽ توهان جو اولاد هڪ امتحان آهي.

**فتنو** يعني آزمائش، امتحان. آيت جو مفهوم آهي تہ الله پاڪ توهان کي مال ۽ اولاد عطا ڪيو آهي، ان ۾ توهان جي لاءِ آزمائش آهي، يعني اهو ڏٺو ويندو تہ

1... الترغيب في فضائل الاعمال، باب مختصر من الصلاة على رسول الله صلى الله عليه وسلم، صفحہ: 14، حديث: 22۔

انهن جي معاملي ۾ الله پاڪ جي احڪامن جي ڪيتري حفاظت ڪريو ٿا.(1)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

حضور جانِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: پيءُ تي اولاد جا **3** حق آهن: **(1):** أَنْ يُحَسِّنَ اِسْمَهُ ان جو سٺو نالو رکي **(2):** وَيُعَلِّمَهُ الْكِتَابَ ڪيس قرآن ڪريم جي تعليم ڏياري **(3):** وَيُزَوِّجَهُ اِذَا اَدْرَكَ جڏهن بالغ ٿئي ته ان جو نڪاح ڪرائي.(2)

## اولاد جا 3 حق

پيارا اسلامي ڀائرو! اولاد جا تمام گهڻا حق آهن، جن مان ڪجهه حق اسان اڳ ۾ سکي چڪا آهيون. **3 حق** اڄ سکنداسين. اچو ته پهريان اڳ ۾ سکيل حق دهرائي وٺون. **(1):** بهتر ماءُ جي چونڊ ڪرڻ **(2):** ٻار جي ڪَنَ ۾ آذان ڏيڻ **(3):** تحنيڪ ڪرڻ (يعني گُهٽي يا سُٿي ڏيڻ) **(4):** ٻار جو سُٺو نالو رکڻ **(5):** عقِيقو ڪرڻ **(6):** سُنّي تربيت ڪرڻ

### وڌيڪ 3 حق جيڪي اڄ سکڻا آهن.

### پهريون حق: اولاد ۾ برابري ڪرڻ

**وضاحت :** حديث پاڪ ۾ فرمايو ويو: الله کان ڊِڄو ۽ پنهنجي اولاد ۾ انصاف ڪريو .....!!(3)

**اولاد جي وچ ۾ نا انصافيءَ جا مثال:** ۞ هڪ ٻار سان وڌيڪ پيار ڪرڻ ۽ ٻئي سان گهٽ ۞ هڪ ٻار کي وڌيڪ خَرچِي (جيب خرچ) ڏيڻ ۽ ٻئي کي گهٽ ڏيڻ

---

1...تفسير نسفی ،پاره :9،سورة انفا ل،جلد:1تحت الآيت :28-
2...الترغيب و الترهيب للاصبهانی، جلد:1، صفحہ:350، حديث:595-
3...مسلم، كتاب الهبات، باب كراهة تفضيل بعض الاولاد فی الهبة ،صفحہ:632،حديث:1623-

۞ هڪ ٻار جي ڳالهه ڏيان سان ٻڌڻ، ٻئي جي ڳالهه کي نظرانداز ڪرڻ ۞ جيڪڏهن هڪ ٻار ڪا غلطي ڪري ته ڪيس سخت سزا ڏيڻ پر جيڪڏهن ساڳي ئي غلطي ٻيو ٻارُ ڪري ته ان کي نظرانداز ڪرڻ ۞ هڪ ٻار جي فرمائش فوراً پوري ڪرڻ، جڏهن ته ٻئي ٻار جي فرمائش پوري ڪرڻ ۾ ٽال مٽول کان ڪم وٺڻ، اهڙي رويي سبب نفرتون، اختلافات، بغض ۽ حسد وغيره جَنَم وٺندا آهن.

## ٻيون حق: نان ۽ نفقي جو انتظام ڪرڻ

**وضاحت:** کائڻ، پيئڻ يعني اٽي، لَٽي ۽ اَجهي (يعني رهڻ لاءِ جڳهه) وغيره جو انتظام ڪرڻ کي **نان ۽ نفقو** چئبو آهي. (1)
حديث شريف جي مطابق جيڪو شخص اهل وعيال جي لاءِ حلال رزق ڪمائيندو رهندو، قيامت جي ڏينهن ان جو چهرو چوڏهينءَ جي چنڊ جيان روشن هوندو۞ نابالغ اولاد جو خرچ پيءُ تي واجب آهي، توڙي جو اُهي پيءُ سان گڏ نه رهندا هجن ۞ معذآور پُٽُ جيڪو ڪمائڻ جي سَگهَه نه رکندو هجي، تنهن جو خرچ والد تي لازم آهي، ڪُنواري يعني غير شادي شده نياڻي جو خرچ به پيءُ جي ذِمي آهي. (2)

## ٽيون حق: سُٺو رشتو ملڻ تي شادي ڪرائڻ

**وضاحت:** حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اولاد جوان ٿي وڃي ۽ سندن والد (طاقت هئڻ جي باوجود) به انهن جي شادي نه ڪرائي، اهڙي صورت ۾ جيڪڏهن اولاد گناهه (مثلاً بدڪاري وغيره) ۾ مبتلا ٿي وڃي ته ان جو گناهه سندن والد کي به ٿيندو. (3)

**نوٽ:** اڪثر ڪري شادي ڪرڻ ۾ دير اخراجات جي سبب ٿيندي آهي. اسلام

---

1...بهارِ شريعت ،جلد:2،صفحه:273-
2... فتاوی رضويه جلد24،صفحه:348،ملخصًا۔
3...شعب الايمان ،باب فی حقوق الاولاد واهلين ،صفحه:401،حديث:8666-

نڪاح کي تمام آسان بڻايو آهي، جيڪڏهن اسان شاديءَ جي باري ۾ بہ سنتن کي اختيار ڪريون تہ ڪيترن ئي اجاين خرچن، گهريلو ناچاقين ۽ قرض وغيرھ کڻڻ کان بچي سگهون ٿا، گڏوگڏ معاشرو بہ بدڪاريءَ جهڙن گناهن کان پاڪ ۽ صاف ٿي سگهي ٿو. حديث پاڪ ۾ آهي گهٽِ خرچ وارو نڪاح بابرڪت آهي.

## دُهرائي

**اڄ اسان اولاد جا 3 حق سکيا آهن، ياد ڪري وٺو!**

**(1):** اولاد جي وچ ۾ برابري ڪرڻ **(2):** نان ۽ نفقي جو انتظام ڪرڻ **(3):** سُنو رشتو ملڻ تي انهن جي شادي ڪرائڻ

## سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائي ويندڙ دُعا

### سُمهَڻ وقت پڙهڻ واري دعا:

اَللّٰهُمَّ بِاسْمِكَ اَمُوْتُ وَاَحْيَا

**ترجمو:** اي اللہ پاڪ مان تنهنجي نالي سان ئي مَرندو ۽ جِيئندو آهيان (يعني سمهندو ۽ جاڳندو آهيان).[1]

## اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

### روزانو 56 نيڪ اعمال:

**(1):** سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ **(2):** پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟

**(3):** هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ **(4):** رات جو سُوْرَةُ الْمُلْك پڙهي يا ٻڌي؟ **(5):** هر نماز کان پوءِ آية الڪرسي، تسبيح فاطمہ ۽ سُوْرَةُ الْاِخْلَاص پڙهي؟

**(6):** ڪنز الايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير

---

1...بخارى، كتاب الدعوات ، باب وضع اليد اليمنى تحت الخد الايمن، صفحه:1560، حديث:6314-

سان پڙهيا يا ٻڌا؟ **(7):** شجري جا اوراد پڙهيا؟ **(8): 313** پيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ **(9):** اکين کي گناهن کان بچايو؟ **(10):** ڪَنَن کي گناهن کان بچايو؟ **(11):** فضول نظري کان بچندي نگاهون هيٺ رکيون؟ **(12): 12** منٽ مکتبة المدينہ جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ **(13):** اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ **(14):** غصي جو علاج ڪيو؟ **(15):** پنهنجو جائزو ورتو؟ **(16):** پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ **(17):** "توهان" ۽ "جي" چئي ڳالهايو؟ **(18):** مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ **(19):** عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهچي ويا؟ **(20): 2** ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ **(21):** فجر لاءِ جاڳايو؟ **(22):** ٻين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ **(23):** گهر ۾ درس ڏنو؟ **(24):** مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ **(25):** سُنت جي مطابق لباس پهريو؟ **(26):** زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ **(27):** هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ **(28):** گناه ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبهہ ڪئي؟ **(29):** سُنّت جي مطابق ماني کاڌي؟ **(30):** مسلمانن کي سلام ڪيو؟ **(31):** سنتّن تي ڪجهہ نہ ڪجهہ عمل ڪيو؟ **(32):** ظهر جون چار قبليہ سنتون فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ **(33):** تهجد

يا صلوٰةاللّيل ادا ڪئي؟ **(34):** اوّابين يا اشراق ۽ چاشت پڙهيون؟ **(35):** عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ **(36): 12** ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ **(37):** ٻين کان گهري ڪري شيون (مثلاً جوتا، چادر، موبائل فون، چارجر، گاڏي وغيرهہ) استعمال تہ نہ ڪيون؟ **(38):** ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ **(39):** ڪجهہ نہ ڪجهہ وقت"مدني چينل" ڏنو؟ **(40):** ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ **(41):** وقت تي قرض ادا ڪيو؟ **(42):** عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جن جي تائيد دل نہ ڪندي هجي؟ **(43):** صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ **(44):** مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ **(45):** فجر جي نمازکان بعد واري مدني حلقي ۾شرڪت ڪئي؟

**(46):** ڪجھ نہ ڪجھ جائز ڪمن ڪان پهريان بسم الله پڙهي؟ **(47):** چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ **(48):** اسراف ڪان بچيؤ؟ **(49):** ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ **(50):** تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ **(51):** زبان جي گناهن ڪان بچيا؟ **(52):** فضول گفتگو ڪان بچيا؟ **(53):** مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ ڪان بچيا؟ **(54):** عمامو شريف ٻَڌو؟ **(55):** پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ **(56):** ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو **12** پيرا ۞ اشاري سان گفتگو **12** پيرا ۞ نگاهون جُهڪائي گفتگو **12** پيرا.

## هفتيوار 9 نيڪ اعمال

**(57):** اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهران موڪليو؟ **(58):** هفتيوار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ **(59):** هفتيوار اجتماع ۾ اوّل ڪان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ **(60):** يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ **(61):** مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي عزيز جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ **(62):** هفتي ۾ ڪنهن ڏينهن روزو رکيو؟ **(63):** هفتيوار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ **(64):** علاقائي دورو ڪيو **(65):** پهريان اچڻ وارا اسلامي ڀائر هاڻي نہ ٿا اچن انهن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو؟